# امام ابوحنيفه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه
# جو حُسنِ سلوڪ

سنڌي








شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

**مُحَمَّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي**

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ ڪان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفکربيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: امام ابو حنيفہ جو حسنِ سلوڪ

ڇاپو پهريون: ربيع الغوث 1443ھ نومبر 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن ڪي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گھٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جي ڪتاب "غيبت جون تباھ ڪاريون" مان ورتل رسالو

# امام ابوحنيفہ جو حُسنِ سلوڪ

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**
UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213
Email: translation@dawateislami.net

# فهرست

امام ابوحنيفه جو حُسنِ سلوڪ .................................... 3
دعاءِعطار: ................................................ 3
درود شريف جي فضيلت .............................................. 3
(1) ٻن غيبت ڪرڻ وارين جي حڪايت.................................... 3
مصطفي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غيب جو علم ........................ 5
(2) غيبت کان روڪڻ جو سھڻو انداز ................................ 6
(3)ڪپھ واري خيانت ڪئي! ................................. 7
تاجرن جي غيبت جون 17 مثالون ................................ 8
نوڪري ڪرڻ وارن جي غيبت جا 18 مثال ........................ 9
دڪاندار جي پاڻ ۾ غيبت جا 10 مثال ........................... 10
(4) بندوق جي زور تي موبائل کسڻ وارو نوجوان ...................... 11
نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو جذبو ............................ 12
چار فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ................................... 13
امام اعظم جو پنھنجي گستاخ سان سھڻو سلوڪ .................... 13
ڪاوڙ تي قابو رکڻ جي ٻه چا ته خوب فضيلت......................... 14
ڇا امام اعظم حسن بصري جي غيبت ڪئي؟ ........................ 15
(6) امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪڏھن دشمن جي ٻه غيبت نه ڪئي ........ 16
اڏ زمين وارن کان ٻه امام اعظم جو عقل وڌيڪ آھي .................. 16
(8) قبرن وارا غيبت ناھن ڪندا .................................. 17
(8) مان نماز کان لنوائيندو ھيس .................................. 18

اتباع نبوي ۾ سُڪل ٽاريءَ ڪي لوڏيو ........................................ 20
(9) غيبت سبب برزخ ۾ قيد ............................................................ 21
(10) ڪدڙي جي محبت ۾ ڦاسڻ جو سبب ................................................ 22
ڪتي غيبت تہ تباہ ناهي ڪيو ........................................................ 23

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# امام ابوحنيفه جو حُسنِ سلوڪ

## دعاءِ عطار:

ياربّ المصطفيٰ! جيڪو مڪمل رسالو ”امام ابوحنيفه جو حُسنِ سلوڪ“ پڙهي يا ٻُڌي وٺي، اُن کي امام اعظم رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْه جي صدقي هميشه زبان جو درست استعمال ڪرڻ ۽ غيبت ۽ چغلي کان بچڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي **سَؤ ڀيرا** دُرود پاڪ پڙهيو ته **الله** پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي ته هي مُنافقت ۽ **جهنّم جي باه** کان آزاد آهي ۽ کيس قِيامت جي ڏينهن **شهيدن** سان گڏ رکندو. (مجمع الزوائد، 235/10،حديث:17298)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (1) ٻن غيبت ڪرڻ وارين جي حڪايت

**حضرت سيّدنا اَنس** رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته الله پاڪ جي عطا سان غيب جون خبرون ڏيڻ واري پياري پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي هڪ ڏينهن روزو رکڻ جو حُڪم ڏنو ۽ ارشاد فرمايو: جيستائين مان اجازت نه ڏيان، توهان مان ڪوبه اِفطار نه ڪري، ماڻهن روزو رکيو، جڏهن شام ٿي ته سيئي اَصحابي سڳورا عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان هڪ هڪ ٿي ڪري خدمتِ بابرڪت

۾حاضر ٿي عرض ڪندا رهيا : **يَــارَسولَ الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم مان روزي سان رهيس، هاڻي مونکي اجازت ڏيو تہ مان روزو کوليان، **پاڻ نبي پاڪ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم کين اِجازت **ڏيندا** رهيا، هڪ صحابيءَ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حاضر ٿي عَـرض ڪيو: آقـا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم ٻن **عـورتن روزو** رکيو ۽ هُو اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ اچڻ کان شرمائي رهيون آهن، کين اجازت ڏيو تہ جيئن اهي بہ روزو کولي ڇڏين. **الله پاڪ** جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جن انهن کان پنهنجو نُوراني چهرو ڦيري ڇڏيو، انهن وري عرض ڪيو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم وري پنهنجو نوراني چهرومبارڪ ڦيري ڇڏيو، انهن وري اها ڳالهہ ورجائي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جن وري پنهنجو نوراني چهرو مبارڪ ڦيري ڇڏيو. اهي(صحابي) وري اها ڳالهہ ورجائيندا رهيا، پر پوءِ بہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو نوراني چهرو مبارڪ ڦيري ڇڏيو، پوءِ غيب ڄاڻيندڙ نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم **(غيب جي خبر ڏيندي)**ارشاد فرمايو: ”انهن ٻنهي روزو ناهي رکيو، اهي ڪهڙيون روزيدار آهن، اهي تہ سڄو ڏينهن ماڻهن جو **گوشت کائينديون** رهيون! وڃو انهن ٻنهي کي حڪم ڏيو تہ اهي جيڪڏهن روزيدار آهن تہ اُلٽِي ڪن.“ اُهي صحابي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ انهن وٽ تشريف وٺي ويا ۽ کين **فرمانِ شاهي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم ٻڌايو. انهن ٻنهي الٽي ڪئي تہ **اُلٽيءَ** ۾**جَميل** رَت نڪتو، انهن صحابي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمتِ بابرڪت ۾ واپس حاضر ٿي ڪري صورتحال عرض ڪئي. مَدنِي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: **ان پاڪ ذات جو قسم!** جنهن جي قبضہءِ قُدرت ۾ منهنجي جان آهي جيڪڏهن هي (گوشت) انهن جي

پيٽن ۾ موجود هجي ها ته انهن ٻنهي کي باهه ساڙي ها. (چوته انهن غيبت ڪئي هئي) (ذَمّ الغيبَة لابنِ اَبي الدّنيا ص 72 رقم 31)

هڪ ٻئي روايت ۾ آهي ته جڏهن سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان صحابيءَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان منهن ڦيريو ته اهي سامهون آيا ۽ عرض ڪيائون: يَارَسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اُهي ٻئي اُڃ جي سَختي جي ڪري مرڻ جي ويجهو آهن، سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حُڪم فرمايو: ته انهن ٻنهي کي مون وٽ آڻيو، اهي ٻئي حاضر ٿيون، سرڪارِعالي وقار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ پيالو گهرايو ۽ انهن مان هڪ کي حُڪم فرمايائون ته هن ۾اُلٽِي ڪريو! ته ان رت، پُونءِ ۽ گوشت جي اُلٽِي ڪئي، ايتري تائين جو اڌ پِيالو پَرجي ويو، پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻيءَ کي حڪم ڏنو ته تَوهان به هن ۾ اُلٽِي ڪريو ته هن به ان جهڙي ئي اُلٽي ڪئي، ايتري تائين جو پيالو پرجي ويو، **الله پاڪ** جي پياري رَسول، سيده آمنه جي گلشن جي مهڪندڙ گل صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: انهن ٻنهي الله پاڪ جي حَلال شين (يعني کائڻ، پيئڻ وغيره) کان ته روزو رکيو، پر جن شين کي الله پاڪ (روزي کان علاوه به) حَرام ڪري ڇڏيو آهي انهن (حرام شين) سان روزو اِفطار ڪري ڇڏيو! ٿيو ائين جو هڪ ڇوڪري ٻي ڇوڪريءَ وٽ اچي ويٺي ۽ ٻئي ملي ڪري ماڻهن جو گوشت کائڻ (يعني غيبت ڪرڻ) لڳيون. (مُسند امام احمد بن حنبل ج9 ص 125 حديث 23714)

## مصطفي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غيب جو علم

**اي عاشقانِ رسول!** هن حِڪايت مان روشن ڏينهن جيان واضح ٿيو ته **الله پاڪ** جي عَطا سان اسان جي مَڪِّي مَدنِي مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جن ڪي **غيب** جو **علم حاصل** آهي ۽ پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي پنهنجي غلامن جي سيني معاملن جي خبر پئجي ويندي آهي، تڏهن ته انهن ڇوڪرين جي **باري** ۾ مسجد شريف ۾ ويٺي ويٺي غيب جي خبر ارشاد فرمايائون. هن حڪايت مان اها به خبر پئي ته **غيبت** ۽ ٻين گناهن ڪي ڪرڻ سان سنئون سِڌو ان جو اثر روزي تي به پئجي سگهي ٿو. جنهن جي ڪري روزي جي تڪليف بَرداشت ڪان به وڌيڪ ٿي سگهي ٿي، بَهرحال روزو هجي يا نه هجي پنهنجي زَبان ڪي قابو ئي ۾ رکڻ گهرجي نه ته هي اهڙا ته عَجِيب ڪم ڪرائي ٿي جو توبهه !

سرورِ دیں لیجے اپنے ناتُوانوں کی خبر
نفس و شیطاں سیّدا! کب تک دباتے جائیں گے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2) غيبت کان روڪڻ جو سهڻو انداز

**حضرت** سّيدنا سُفيَان بِن حسين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چون ٿا ته مان حضرت اِيَاس بن مُعَاوِيه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ وينو هئس ته ايتري ۾ هڪ شخص ويجهو کان گذريو، مون ان جي بُرائي بيان ڪرڻ شروع ڪئي، انهن چيو: خاموش! پوءِ فرمائڻ لڳا: اي سُفيان! ڇا توهان رومِين ۽ تُرڪن جي خلاف جنگ ڪئي آهي؟ جواب ڏنم: نه. انهن چيو: تُرڪ ۽ رومي ته توهان کان بچي ويا، پر هڪ مسلمان ڀاءُ محفوظ نه رهي سگهيو (يعني ڏسندي ئي توهان ان جي غيبت ڪرڻ شروع ڪئي!) حضرت سيِّدنا

سُفيان رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ چون ٿا: (منهنجي دل تي اثر ٿيو ۽) ان کان پوءِ مون ڪڏهن بہ ڪنهن جي غيبت ۽ عِزّت خراب نہ ڪئي. (تنبيه الغافلين، ص 88)
الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اي عاشقانِ رسول! جڏهن بہ اسان جي سامهون ڪوبہ **غيبت** وغيره ڪرڻ لڳي تہ هر مُمڪن صورت ۾ ڪيس سمجهائڻ گهرجي، چوتہ سمجهائڻ اجايو ناهي ويندو. ربِّ ڪائنات27 سيپاري سُورَةُ الذّٰرِيٰت آيت نمبر 55 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَّ ذَكِّرۡ فَاِنَّ الذِّكۡرٰى تَنۡفَعُ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۵۵﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ سمجهايو چوتہ سمجهائڻ مسلمانن کي فائدو ڏيندو آهي.

(پ27، الذّٰريٰت :55)

عمل کا ہو جذبہ عطا یا الٰہی گناہوں سے مجھ کو بچا یا الٰہی

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (3)ڪپهہ واري خيانت ڪئي!

هڪ نيڪ شخص پنهنجي گهر واري جي لاءِ ڪپهہ خريد ڪئي. جڏهن گهر پهتو تہ اها چوڻ لڳي تہ ڪپهہ وڪڻڻ وارن اوهان سان خيانت (ٺڳي) ڪئي آهي. ان شخص فورًا عورت کي طَلاق ڏئي ڇڏي! ان شخص کان جڏهن ان جو سبب پُڇيو ويو تہ ان چيو: مان

هڪ غيرت مند انسان آهيان . مون کي ڊپ ٿيو تہ قِيامت جي ڏينهن **جيڪڏهن ڪپهہ وڪڻڻ وارا ان غيبت** (۽ تُهمت) **جي ڪري پنهنجي حق جا طلبگار ٿيا** تہ ڪٿي اهلِ محشر هيئن نہ چون تہ ڏسو فلاڻي جي زال کان **ڪپهہ وڪڻڻ وارا** پنهنجو حق گهري رهيا آهن! ان ڪري مون کيس طلاق ڏئي ڇڏي. (تنبيہ الغافلين ص 89)

## تاجرن جي غيبت جون 17 مثالون

**اي عاشقانِ رسول**! ڪنهن قوم يا اداري جي غيبت ڪرڻ، **مثال طور**: هيئن چوڻ: "پوليس وارا رِشوت خور هوندا آهن." اها گناهن ڀري غيبت ناهي، ڇوتہ پوليس جي کاتي ۾ يا ڪنهن قوم يا گروپ ۾ سُٺا ۽ خراب، ٻنهي قسمن جا ماڻهو هوندا آهن پر جيڪڏهن ڪنهن قوم يا پوليس جي کاتي جي هر هڪ فرد جي برائي ڪرڻ جو ارادو هجي تہ پوءِ ضرور **غيبت** آهي. گُذريل حِڪايت ۾ ڪنهن خاص ڪپهہ واري جو نہ، پر مطلقاً "**ڪپهہ وارن**" جو ذڪر آهي، انهي صورت ۾ تہ اها **غيبت** نہ ٿئي، پر ٿي سگهي ٿو تہ ان ڳوٺ ۾ ڪپهہ جا ٻہ يا ٽي دڪان هجن ۽ ان عَورت جيڪا **غيبت** ڀري گفتگو ڪئي، ان مان اُن نيڪ شخص اهو ئي مطلب سمجهيو هجي تہ هوءَ هتان جي هر ڪپهہ وڪڻڻ واري کي خائن ۽ دوکي باز چئي رهي آهي، ان ڪري قِيامت جي خوف کان يڪدم طَلاق ڏئي ڇڏي هجي.

**وَاللّٰهُ اَعلَمُ وَرَسُوْلُہٗ اَعلَم** عَزَّوَجَلَّ وَصَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بهرحال هن حِڪايت مان اهي ماڻهو عِبرت حاصل ڪن جيڪي ڪنهن شرعي سبب کان سواءِ ڳالهہ ڳالهہ تي واپارين جي **غيبت** ۽

تُهمت بابت بلا وجهه هن رِيت جملا چوندا رهن ٿا: ❁ ان نڳي ڇڏيو ❁ پڪو نڳ آهي ❁ وڏو نڳ آهي ❁ گِراهڪن کي ڦري ٿو ❁ نفعو وڏيڪ وني ٿو ❁ ان جو مال سيني کان مهانگو هوندو آهي ❁ دوکي باز آهي ❁ مِلاوٽ ڪري ٿو ❁ تور ۾ کوٽ ڪري ٿو ❁ منڙيون منڙيون ڳالهيون ڪري گراهڪ ڦاسائيندو آهي❁ ڏاڍو لالچي آهي. سيني کان آخر ۾ دڪان بند ڪري ٿو ❁ ڪپڙو ڇِڪي ماپي ٿو ❁ اُوڌر تي سامان وني واپس ڪرڻ جو نالو ئي نہ ٿو وني❁ ان کان قرض وُصُول ڪرڻ سولو ناهي، ڏکا ڏاڍا ٿو ڪارائي ❁ وياج خور آهي ❁ الائي ڪيترن جا پئسا کائي وينو آهي ❁ ڪوڙا قسم ڪڻندو آهي.

دے رزقِ حلال از پۓ غوثِ اعظم حرام مال سے تو بچایا الٰہی
ہو اَخلاق اچّھا ہو کردار سُتھرا مجھے مُتَّقی تُو بنا یا الٰہی
صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## نوڪري ڪرڻ وارن جي غيبت جا 18 مثال

**مُلازمن جي باري ۾** شَرعِي مَصلَحت جي بغير ڳالهايا ويندڙ گناهن سان ڀريل جملن جا مثال ❁ ڪم چور آهي ❁ سُست آهي ❁ ڍرو آهي ❁ جڏهن ڏسو موڪلون ٿو ڪري ❁ حرام خور آهي ❁ دڪان مان چوريون ڪندو آهي ❁ ڪم سان موڪليو تہ گهڻو وقت ضايع ڪري ايندو آهي❁ جڏهن ڏسو رڳو فون ۾ لڳو پيو هوندو آهي ❁ تمام گهڻي ڪاوڙ وارو آهي ❁ ڳالهہ ڳالهہ تي ناراض تي

ويندو آهي ❁ گِراهڪ ڪي بلڪل ”ڊِيل“ نہ تو ڪري سگهي ❁ چريو ❁ پاڳل ❁ بيوقوف آهي ❁ ان جا نُخرا وڏي ويا آهن ❁ هڪ تہ دير سان تو اچي ❁ ۽ جلدي پيڇڻ جي ڪندو آهي ❁ دڪان مان چوري ٿي وئي آهي مونکي فلاڻي نوڪر تي شڪ آهي.

## دڪاندارن جي پاڻ ۾ غيبت جا 10 مثال

**اي عاشقانِ رسول!** ڪاروبار ۾ گهٽ وڌائي ٿيندي رهندي آهي ڪيترين ئي حديثن مان خبر پئي ٿي تہ گناهن جي ڪري بہ بي برڪتي ٿيندي آهي. مسلمان کي گهرجي تہ جڏهن بہ بي برڪتي ٿئي يا وڪري ۾ گهٽتائي اچي وڃي تہ پنهنجي عملن جو مُحَاسبو ڪري، پر ڪي ماڻهو اهڙي موقعي تي شيطان جي وَرغلائڻ ۾ اچي ڪري بدگُمانين، **غيبتن** ۽ تهمتن تي لهي ايندا آهن ۽ پوءِ ڪي ايئن بہ چوندي ٻڌا ويندا آهن: ❁ لڳي ٿو تہ فلاڻو منهنجي ڪاروبار جي ترقي ڏسي نہ ٿو سگهي ❁ منهنجا گِراهڪ ٽوڙي ٿو ❁ ڄاڻي واڻي گهٽ قيمت ٻُڌائي منهنجا گراهڪ ٿو ڪاري ❁ پاڻ تہ مِلاوت وارو مال ٿو کپائي پر ❁ منهنجي گراهڪن جو ذهن خراب ڪرڻ جي لاءِ منهنجي شين ڪي مِلاوت واريون چئي ٿو. ❁ بَدمَعاشي ڪري منهنجي دڪان جي سامهون ريڙهو لڳائي ڇڏيو آهي ❁ اهو چاهي ٿو تہ بس ڪنهن بہ طرح سان مان اهو دڪان ڇڏي ڏيان ❁ هن اهڙي نظر هٽي ڇڏي آهي جو گراهڪ ويجهو بہ نہ ٿو اچي ❁ هُو سامهون وارو دڪاندار جڏهن ڏسو هٿ ۾ تَسبِيح کڻي پڙهي پڙهي اسان جي دڪان ڏانهن شُوڪاريندو رهي ٿو ❁ اُن ڏينهن تہ باقاعدي مُصَلّو وڇائي نمازون پڙهند رهيو ۽ هڪ بہ دفعو تہ اسان جي دڪان ڏانهن

ڏنو ﻫ هو، **مون کي لڳي تو انهي** جادو جي زور سان ڪاروبار جي بندش ڪري ڇڏي آهي!

**اي عاشقانِ رسول!** اها ڳالھ دل ۾ ويهاري ڇڏيو تہ ذِڪر ۽ اَذڪار نمازن ۽ پاڪ ڪلام جي ذريعي جادو تي ٿي نہ تو سگھي، تنهنڪري ڪنهن مسلمان بابت بدگمانين، غيبتن ۽ تُهمتن جي گناهن ۾ نہ پئو، پنهنجي نظر الله پاڪ تي رکو.

حقوقُ العباد! آہ! ہو گا مرا کیا! | کرم مجھ پہ کردے کرم یاالٰہی
بڑی کوششیں کی گنہ چھوڑنے کی | رہے آہ! ناکام ہم یاالٰہی

(وسائلِ بخشش، ص110)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (4) بندوق جي زور تي موبائل کسڻ وارو نوجوان

غيبت ڪرڻ، ٻڌڻ جي عادت ڪڍڻ، نمازن ۽ سنتن جي عادت وجهڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هردم وابستہ رهو، سنتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪيو ۽ ڪامياب زندگي گذارڻ ۽ آخرت سنوارڻ جي لاءِ نيڪ اعمال جي مطابق عمل ڪري روزانو فڪرِ مدينہ جي ذريعي نيڪ اعمال جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ جي اندر اندر پنهنجي هِتان جي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ خوب

سفر فرمايو، اوهان جي ترغيب جي لاءِ مدني بهار پيش ڪجي ٿي، ضرورت مطابق جملن ۾ تبديلي ڪئي وئي آهي. جيئن تہ لياري (ڪراچي سنڌ) جو هڪ اسلامي ڀاءُ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان شرابي ۽ بي نمازي هيو، چوريون ڪندو ۽ بندوق جي زور تي موبائل کسيندو هو، وڏيڪ بہ ڪيئي بُري عادتن ۾ مبتلا هو، انهن پنهنجي زندگي جا چار سال انهن ئي ڪمن ۾ گذاري ڇڏيا، پوءِ ان کي هڪ اسلامي ڀاءَ مدني قافلي ۾ سفر جي ترغيب ڏياري ۽ هُو هڪ مهيني جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويو، مدني قافلي ۾ ان کي تمام گهڻو سڪون مليو، ان پنهنجي گناهن کان پڪي توبہ ڪئي، پوءِ الله پاڪ جي ڪرم سان سندس کي فيضان مدينہ (باب المدينہ ڪراچي) ۾ تربيتي ڪورس ڪرڻ جي بہ سعادت ملي.

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں　　اے دعوتِ اسلامی تِری دھوم مچی ہو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو جذبو

**اي عاشقانِ رسول!** اوهان ڏٺو! **مدني قافلن** جون بہ ڪيڏيون تہ پياريون بهارون آهن! **جتي مدني قافلي** جي برڪت سان نيڪ بنجڻ جي سعادت ميسر ايندي آهي اُتي هن ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو جذبو بہ ملندو آهي ۽ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ

۾ ثواب ئي ثواب آهي انهيءَ سلسلي ۾ چار مبارڪ حديثون پيش ڪجن ٿيون:

## چار فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

﴿1﴾ نيڪي جو رستو ڏيکارڻ وارو نيڪي ڪرڻ واري وانگر آهي. (ترمذي ، ۴/ 305،حديث: 2679) ﴿2﴾ جيڪڏهن الله پاڪ توهان جي ذريعي ڪنهن هڪ شخص کي هدايت عطا فرمائي ته اهو توهان جي لاءِ ان ڪان سُٺو آهي جو توهان وٽ ڳاڙها اُٺ هجن. (صَحيح مُسلِم ص 1311 حديث 2406) ﴿3﴾ بيشڪ **الله پاڪ**، ان جا مَلائڪ، آسمان ۽ زمين جي مَخلوق، ايتري تائين جو ڪِيوِليون پنهنجي بِرن ۾ ۽ مَڇيون (**پاڻي ۾**) ماڻهن کي نيڪي سيکارڻ واري تي ”صَلوٰة“موڪليندا آهن. (سُنَن ترمذِي ج4 ص 314 حديث 2694) حڪيم الامت حضرت مُفتِي اَحمد يارخان نُعيمِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ته **الله** جي ”**صَلوٰة** “ مان ان جي خاص رَحمت ۽ مَخلوق جي ”**صَلوٰة** “ مان خصوصي رَحمت جي دعا مراد آهي. (مراة المناجيح،200/1) ﴿4﴾ بهترين صدقو اهو آهي ته مسلمان شخص عِلم حاصل ڪري پوءِ پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي سيکاري. (سُنَن ابن ماجه ج1 ص 158 حديث 243 )

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## امامِ اعظم جو پنهنجي گستاخ سان سهڻو سلوڪ

حضرت امامِ اعظم ابُوحنيفه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مِنيٰ شريف جي مَسجِدُ الخَيْف ۾ تشريف فرما هئا ته هڪ شخص اچي مسئلو پڇيو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان جو جواب ڏنو، پوءِ ڪنهن چيو ته اهو حضرت سيّدنا حَسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي جواب جي بلڪل خلاف آهي. ارشاد فرمايائون ان

مسئلي ۾ حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اِجْتِهَادِي خطا ڪئي. پوءِ هڪ ٻيو شخص آيو جنهن پنهنجو مُنهن لڪائي رکيو هو، ان ڪين گار ڏني ۽ چيو: تون حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي خطاڪار ٿو چئين، پر امام اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي برداشت جي سَگهه جو اهو عالَم هو جو سندن جي چهري تي ڪاٻ ڪاوڙ نظر نہ آئي، اتي موجود ماڻهو ڪاوڙ ۾ اچي ان گُستاخ کي مارڻ جي لاءِ اٿيا. سَيِّدُنا اِمامِ اَعظَم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ماڻهن کي ٿڏو ڪيو ۽ ان شخص کي فرمايائون :”حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان اِجْتِهَادِي غلطي ٿي ۽ حضرت سيّدنا اِبنِ مَسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان باب ۾ جيڪا روايت ڪئي اها صحيح آهي.“ (المناقب للموفق ج2 ص 9)

اللّٰہ پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي. اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ڪاوڙ تي قابو رکڻ جي ٻہ چا تہ خوب فضيلت

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو توهان! ڪروڙين حَنفِين جي عظيم اڳواڻ حضرت سيّدنا اِمامِ اعظم امام اَبُوحَنِيفَہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جوصَبر ۽ تحمُّل! جيڪڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چاهين ها تہ ماڻهو ان شخص کي ماري ماري بروحال ڪري ڇڏين ها، پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ائين ٿيڻ نہ ڏنائون، جڏهن کو اسان مان ڪنهن جي بي عِزتي ڪري تہ عام طور تي ڪاوڙ اچي ويندي آهي، پر اهڙي موقعي تي ڪاوڙ کي روڪي ان جي فضيلتن جو حقدار بڻجڻ گهرجي. عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي مَڪتَبَةُ المَدِينہ جو ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ، صفحي 188 کان 189 تي آهي تہ نبيِّ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عَظِيم آهي: جيڪو شخص پنهنجي زبان کي محفوظ

رڪندو **الله** (پاڪ) ان جا عيب ڍڪيندو، ۽ جيڪو پنهنجي ڪاوڙ کي روڪيندو قِيامت جي ڏينهن **الله** (پاڪ) پنهنجو عذاب ان کان روڪي ڇڏيندو، ۽ جيڪو **الله (پاڪ)** کان معافي گهرندو تہ **الله**(پاڪ) ان جي معافي کي قبول فرمائيندو. (شُعبَ الايمان ج6 ص 315 حديث 8311)

## ڇا امام اعظم حسن بصري جي غيبت ڪئي؟

گذريل حڪايت ۾ سيّدنا امامِ اعظم اَبُوحَنِيفہرَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جن حضرت سيّدنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اهو چئي **غيبت** ڪئي تہ ”**هنن اِجْتِهَادِي خطا ڪئي**“، پر اها جائز **غيبت** هئي چو تہ هڪ مُفتِي شرعِي مسئلي تي خَطا ڪري تہ ٻيو مُفتي ان جو رَد ڪري سگهي ٿو. جيئن بهارِشريعت حصي 16 صفحي 178، **کان** 179 تي آهي: حديثن جي راوِين ۽ مُقدّمي (Case) جي شاهدن ۽ مُصَنّفن تي جَرح ڪرڻ ۽ انهن جا عيب بيان ڪرڻ جائز آهي جيڪڏهن روايت ڪندڙن جون خرابيون بيان نہ ڪيون وڃن تہ صَحِيح حَدِيث ۽ غير صَحِيح حَدِيث ۾ فرق نہ ٿي سگهندو. اهڙيءَ طرح مُصَنّفن جا حالات بيان نہ ڪيا وڃن تہ ڪُتبِ مُعْتَمَدَه ۽ غَيرِ مُعْتَمَدَه (يعني اعتماد جوڳن ۽ ناقابلِ اعتماد جوڳن ڪتابن) ۾ ڪو فرق نہ رهندو. شاهدن تي جَرَح يعني (ڇنڊ ڇاڻ) نہ ڪئي وڃي تہ مسلمانن جي حَقن جي حفاظت نہ ٿي سگهندي.

حسد کی بیماری بڑھ چلی ہے لڑائی آپس میں ٹھن گئی ہے
شہا مسلمان ہوں منظّم، امام اعظم ابو حنیفہ

فضول گوئی کی نکلے عادت، ہو دُور بے جاہنسی کی خصلت
دُرود پڑھتا رہوں میں ہر دم امامِ اعظم ابو حنیفہ

(وسائل بخشش،ص573،574)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَى الله! اَسْتَغْفِرُالله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (6) امام اعظم رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہ ڪڏهن دشمن جي به غيبت نہ ڪئي

هڪ ڀيري حضرت عَبدُالله ابنِ مُبارَڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حضرت سَيِّدُنا سُفيان ثوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي چيو تہ **اَلحَمدُلِلّٰهِ** ”امامِ اعظم ابوحَنِيفه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه **غيبت** کان ايترو گهڻو بچندا هئا جو مون ڪڏهن اُن کي دُشمَن جي **غيبت** ڪندي بہ نہ ٻڌو!.“ (مِرقاةُ المَفاتيح ج1 ص 77)

## اڌ زمين وارن کان بہ امام اعظم جو عقل وڌيڪ آهي

**پياراپيارا اسلامي ڀائرو!** حضرت امامِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي **عقلمنديءَ** جي ڇا ڳالھ ڪجي! يقيناً عقلمند اُهو ئي آهي جيڪو پنهنجو پاڻ کي **الله پاڪ** ۽ رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِطاعت ۾ لڳائي رکي، نہ تہ اهو **بيوقوف** تہ ڇا، پر بيوقوفن جو بہ سردار آهي، جيڪو مسلمانن جون غيبتون ڪري پنهنجون نيڪيون برباد ڪري جهنّم جو حقدار بڻجندو رهي. عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي مَڪتَبَةُ المَدِينہ جو ڪتاب ”**حِکایتیں اور نصیحتیں**“ (صفحات 649) جي صفحي نمبر 332 تي آهي: حضرت سيّدنا عَلِي بِن عاصِم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اِرشاد فرمايو: جيڪڏهن اَڌ زمين وارن جي عَقلن سان اِمَام

اَبُوحَنِيفَہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جو عقل پيٽيو وجي تہ بہ سندن جو عقل وڌيڪ هوندو. (تبيضُ الصّحيفة في مناقب الامام ابي حنيفة للسّيوطي ص 128)

غیبتیں مت کیجئے پچھتائیں گے　　گُھپ اندھیری قبر میں جب جائیں گے

سانپ بچھّو دیکھ کر چلائیں گے　　بے بسی ہو گی نہ کچھ کر پائیں گے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (7) قبرن وارا غيبت ناهن ڪندا

عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي مَڪتَبۃُ المَدِينہ جو ڪتاب ”حکایتیں اور نصیحتیں“ (649 صفحات) جي صفحي 477 تي آهي: حضرت سيّدنا سَرِي سَقَطي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: ”هڪ ڀيري مونکي قبرستان وڃڻو پيو. اتي مون حضرت بَهلُول دَانا رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ کي ڏٺو تہ اهي هڪ قبر جي ويجهو ويهي مٽي ۾ ليٽڻ پيا! مون اُتي تشريف فرما ٿيڻ جو سبب پڇيو تہ جواب ڏنائون: ”مان اهڙي قوم وٽ آهيان جيڪا مون کي تڪليف ناهي ڏيندي ۽ جيڪڏهن مان هتان هليو وڃان تہ منهنجي **غيبت** ناهي ڪندي.“ (الرّوض الفائق ص 246)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

**سُبحَان الله! الله** وارن جي بہ ڇا تہ خوبصورت مَدني سوچ هوندي آهي، واقعي قبرستان ۾ وقت گذارڻ واري کي پنهنجو موت ياد اچڻ سان گڏوگڏ **غيبت** کان بہ بچڻ جي سَعادت نصيب ٿئي ٿي. نہ اهي

ڪنهن جي **غيبت** ڪندا آهن ۽ نه ئي قبر وارا سندن **جي غيبت** ڪندا آهن.

موت کو مت بھولنا پچھتاؤ گے　　قبر میں اے عاصیو! جب جاؤ گے
سانپ بچھو دیکھ کر گھبراؤ گے　　بھاگ نہ ہرگز وہاں سے پاؤ گے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (8) مان نماز ڪان لنوائيندو هيس

غيبت ڪرڻ، ٻڌڻ جي عادت ڪيڻ، نمازن ۽ سنتن جي عادت وجهڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هردم وابسته رهو، سنتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪيو ۽ ڪامياب زندگي گذارڻ ۽ آخرت سنوارڻ جي لاءِ نيڪ اعمال جي مطابق عمل ڪري روزانو جائزي جي ذريعي نيڪ اعمال جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ جي اندر اندر پنهنجي هِتان جي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اوهان جي ترغيب جي لاءِ مدني بهار پيش ڪجي ٿي. جيئن ته ميلسي ضلع وهاڙي(پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ ٻري دوستن جي دوستي جو شڪار هو، اهي دوست ڪيس چرس ۽ شراب پيئاريندا هئا، رات جو وڏي ڀاءَ سان گڏ دڪان تي ڪم ڪندو هو ۽ ڏينهن جو نشو ڪري آواره گردي ڪندو هو يا سڄو ڏينهن گهر ۾ سُتو پيو هوندو هو. رات جڏهن هُو نشي جي حالت ۾ هوندو هو ته والده روئي روئي سمجهائيندي هئي ته نشو ڪرڻ ڇڏي ڏئي ۽ ان جي سڌرڻ جي لاءِ دُعائون ڪندي هئي، والد

گرامي به ان جي نشي ڪرڻ جي ڪري ڪاوڙ ۾ رهندو هو. هڪ مبلغِ دعوتِ اسلامي جي دڪان ان جي دڪان جي پرسان هئي، هُو انهن کي نماز جي دعوت ڏيندو هو ۽ مسجد ۾ نماز جي لاءِ گڏ وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪندو هو پر هُو رستي مان پڇي واپس موٽي ايندو هو. هڪ ڀيرو انهيءَ مبلغِ دعوتِ اسلامي ان کي ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جو ذهن ڏنو، هُو تيار ٿي ويو، مبلغ ان کي ويگن ۾ ويهاري فيضانِ مدينه(ملتان شريف) روانو ڪيو، اُتي انهن دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪئي ته ان جي دل تي چڱو اثر پيو، اُتان ئي ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪيو، ڏاڙهي سجائڻ جي نيت ڪئي، مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجايو ۽ آئنده جي لاءِ سچي دل سان بري ڪمن کان توبه ڪئي. جڏهن هُو مدني قافلي کان گهر واپس موٽيو ته گهر وارا تمام گهڻو خوش ٿيا. (توبه کان) پهريان ان موبائل ۾ گانا ۽ فلمون ڀرائي رکيون هيون اهي تمام ڊليٽ ڪري نعتون ڀرايائين. بُري دوستن جي دوستي به ڇڏي ڏني. پهريان رڪشي تي دوستن جي لاءِ شراب وٺڻ ويندو هو هاڻي انهيءَ رڪشي تي اسلامي ڀائرن کي سوار ڪري هفته وار سنتن ڀريي اجتماع ۾ فيضانِ مدينه(ميلسي) وٺي وڃڻ لڳو. (الحمدللّٰه) دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ اچي ان کي گناهن کان بچڻ جي سعادت ملي. هر مهيني ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارو بڻجي ويو. هڪ سال ۾ ناظره قرآنِ ڪريم به پڙهي ورتو ۽ هڪ ذيلي حلقي جي مشاورت جو نگران بنجڻ جي پڻ سعادت نصيب ٿئي.

ڏٺو اوهان! مدني قافلي جي برڪت! **ربُّ العِزّت** جي عبادت ڪان پري رهڻ واري جي زندگي ۾ نيڪين جي بهار اچي وئي! پهريان هُو نمازن ڪان پري ڀڄندو هو، هاڻي نمازن جي دعوت ڏيڻ وارو بڻجي ويو. هر مسلمان کي نماز پڙهڻ گهرجي. اِنۡ شَآءَاللّٰه نماز جي برڪت سان برايون به ختم ٿي وينديون، جيئن ته **الله ڪريم** 21 سيپاري جي **سُورَةُ العَنكَبُوت** جي آيت نمبر 45 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ الصَّلٰوةَ تَنۡهٰى عَنِ الۡفَحۡشَآءِ وَ الۡمُنۡكَرِ ؕ

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ نماز روڪي ٿي بي حيائي ۽ بري ڳالهه کان.

## اتباعِ نبوي ۾ سُڪل ٽاريءَ کي لوڏيو

**نماز جي فضيلت** جي چا ڳالهه ڪجي! عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي مَڪتَبَةُ المَدِينة **جو** ڪتاب "جنت ميں لے جانے والے اعمال" (صفحات 743) جي صفحي نمبر 76 تي آهي: حضرت سيّدنا ابُو عثمان رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا ته مان حضرت سيّدنا سَلمَان فارِسي رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ سان گڏ هڪ وڻ جي هيٺان بيٺو هُيس، ته پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ ان وڻ جي هڪ سُڪل ٽاريءَ کي پڪڙي لوڏيو. ايتري تائين جو ان جا پن ڇڻي پيا، پوءِ فرمايائون: **اي اَبُو عُثمَان!** چا توهان مون ڪان نه پڇندؤ ته مون ائين چو ڪيو؟ مون پڇيو ته اوهان ائين چو ڪيو؟ ته فرمايائون: **هڪ ڀيري مان رَحمتِ عالم** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هڪ وڻ جي هيٺان بيٺو هُيس ته **سرڪارِ مدينه** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهيءَ طرح

ڪيو ۽ اُن وڻ جي هڪ سُڪل ٽاريءَ کي پڪڙي لوڏيائون، ايتري تائين جو ان جا پَنَ ڇڻي پيا، پوءِ فرمايائون: **اي سَلمَان!** ڇا توهان مون کان نہ پڇندؤ تہ مون اهو عمل ڇو ڪيو؟ مون عرض ڪيو تہ اوهان ائين ڇو ڪيو؟ ارشاد فرمايائون: بيشڪ جڏهن مسلمان چڱيءَ طرح وضو ڪندو آهي ۽ پنج نمازون ادا ڪندو آهي تہ ان جا گناهہ ائين ڇڻندا آهن جهڙي طرح هي پن ڇڻي پوندا آهن، **پوءِ پاڻ سڳورن** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هي آيتِ مبارڪ پڙهي:

وَ اَقِمِ الصَّلٰوةَ طَرَفَيِ النَّهَارِ وَ زُلَفًا مِّنَ الَّيۡلِ ؕ اِنَّ الۡحَسَنٰتِ يُذۡهِبۡنَ السَّيِّاٰتِ ؕ ذٰلِكَ ذِكۡرٰى لِلذّٰكِرِيۡنَ ﴿۱۱۴﴾

(پ 12،هود: 114)

ترجموڪنزالايمان: ۽ نماز قائم رکو ڏينهن جي ٻنهي ڪنارن ۽ ڪجهہ رات جي حصن ۾. بيشڪ نيڪيون برائين کي مٽائي ڇڏينديون آهن. هي نصيحت آهي مڃڻ وارن جي لاءِ.

(مسندامام احمد،9/178، حديث:23768)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَی اللّٰه! اَسْتَغْفِرُاللّٰه

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (9) غيبت سبب برزخ ۾ قيد

عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي مَڪتَبةُ المَدِينہ جو ڪتاب "آنسوؤں کا دریا" (صفحات 300) ۾ آهي تہ فَقِيهہ اَبُوالحَسن عَلِي بِن فرحون قُرطبي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب "اَلزَّاهر" ۾

فرمائن ٿا: مون سِن 555 هِجري ۾ ”فَاس“ شهر ۾ فوت ٿي ويل پنهنجي چاچي کي خواب ۾ ڏٺو ته گهر ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ پٺِ سان ٽيڪ لڳائي ويهي رهيا، **مان** به سندن جي سامهون ويهي رهيس، مون سندن رنگ بدليل ڏٺو ته ڪائنس پُڇيو: چاچاسائين! توهان کي ربّ **ڪريم** ڪان ڇا مليو؟ فرمايائون: پٽ مهربان ڪان مهرباني ڪانسواءِ بيو ڇا ملندو آهي. **الله پاڪ غيبت** ڪان علاوه هر شيءِ ۾ مون تي نرمي فرمائي، مان مرڻ جي بعد ڪان وٺي اجا تائين **غيبت** جي ڪري قيد ۾ آهيان، ۽ اجا تائين منهنجو اهو گناهه مُعاف ناهي ٿيو، پٽ! مان توکي نصيحت ٿو ڪريان ته **غيبت** ۽ **چغلي** ڪان بچندو رهجانءِ، ڇو ته مون آخرت ۾ **غيبت** ڪان وڌيڪ ٻي ڪنهن به شيءِ تي پڪڙ نه ڏٺي. اهو چئي اهي موڪلائي هليا ويا. (بَحرَ الدُّمُوع ص 185)

گھُپ اندھیرا ہی کیا وحشت کا بسیرا ہو گا
قبر میں کیسے اکیلا میں رہوں گا یا رب!
گر کفن پھاڑ کے سانپوں نے جمایا قبضہ
ہائے بربادی! کہاں جا کے چُھپوں گا یارب!
ڈنک مچھر کا بھی مجھ سے تو سَہا جاتا نہیں کیسے میں پھر
قبر میں بچھّو کے ڈنک کی آہ سہوں گا یارب!
گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہو گی
ہائے! میں نارِ جہنّم میں جلوں گا یارب!
عَفو کر اور سدا کے لئے راضی ہو جا
گر کرم کر دے تو جنّت میں رہوں گا یارب!

(وسائل بخشش،ص84،85)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (10) ڪدڙي جي محبت ۾ ڦاسڻ جو سبب

اي **عاشقانِ رسول**! ڏٺو توهان! **غيبت** مرڻ ڪانپوءِ به ڦاسائي ڇڏيو! **غيبت**، **چُغلي**، بَدگُماني وغيره اهڙيون ته نامُراد آفتون آهن

جو ڪڏهن ڪڏهن تہ انسان کي جِينِ حَيات يعني جيئري ئي عِبادتن کان پري ڪري ويتر گناهن جي تَندور ۾ اڇلائي ڇڏين ٿيون. حضرت سيّدنا شيخ ابُوالقاسم قُشَيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا تہ سيّدنا شيخ ابُوجَعفَر بَلخِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان وٽ بَلخ ۾ هڪ نوجوان رهندو هو، هونئن تہ هو خوب عبادت ۽ رياضت ڪندو هو پر **غيبت** جي آفت ۾ بہ ڦاٿل هو اڪثر چوندو هو: فلاڻو هيئن آهي ۽ فلاڻو هُونئن آهي، هڪ ڏينهن مون اُن کي ماڻهن جا ڪپڙا ڌوئڻ وارن گدڙن وٽان نڪرندي ڏٺو، **ڪائنس** ان جو سبب پڇيو، چوڻ لڳو: هي ماڻهن کي بُرو ڀَلو چوڻ يعني **غيبتون** ڪرڻ جي سزا آهي جو مونکي ان حال ۾ وڌو ويو آهي، **اَفسوس!** مان انهن مان هڪ مُخَنَّث (يعني ڪدڙي) جي محبت ۾ ڦاسي ويو آهيان. انهي ڪدڙي جي عشق جي ڪري مان انهن ڌوبي گدڙن جي خدمت ڪندو آهيان ۽ ربّ ذالجلال جي طرفان جيڪي مونکي باطِني احوال حاصل هئا سڀ ختم ٿي ويا. لهٰذا **الله** پاڪ کان دعا ڪريو تہ مون تي رحم فرمائي.

(رِساله قُشيريہ ص 196)

## ڪٿي غيبت تہ تباه ناهي ڪيو

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو توهان! **غيبت** جي تباه ڪاري هڪ عبادت ۽ رياضت ڪندڙ نوجوان کي گدڙي جي عشق ۾ ڦاسائي ڇڏيو! **غيبتن** جي نُحُوسَتن جي ڪري هُو عبادتن جي لَذّتن کان بہ محروم ٿي ويو. هتي اهي **اِسلامي ڀائر** غور فرمائن، جن کي شروع ۾ سُنّتن ڀريي بيانن، پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نَعتن، **ذِڪرُالله** ۽ دعائن ۾ ڏاڍو دلي لَڳاءُ حاصل هوندو هو، پر هاڻي ائين ناهي، ۽ دل سدائين گناهن ڏانهن مائل رهي ٿي، انهن کي ڪٿي "**غيبت**" جي

آفت تہ ناهي ٻوڙيو!سچي توبھ ڪريو جو **الله** رَبُّ العزّت جي رحمت تمام وڏي آهي .

گناہوں نے میری کمر توڑ ڈالی　　مرا حشر میں ہوگا کیا یاالٰہی
یہ دل نیکیوں میں نہیں لگ رہا ہے　　عبادت کا دے دے مزا یاالٰہی
مجھے بخش دے بے سبب یاالٰہی
نہ کرنا کبھی بھی غضب یاالٰہی

ٱلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ ٱلۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنۡ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنۡ شَآءَ اللّٰه عزوجل







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net